قرآني بيان

# پنهنجي اصلاح

## چو ضروري اهي؟

(سيپارو:1، سوره بقرة:44)

(For Islamic Brothers)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

8 مئي، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 20ذو القعده، 1447هه)

جمعة المبارڪ جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبہِ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
8 مئي، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 20 ذوالقعده، 1447ھ) جمعة المبارک جو

قرآني بيان

بنام

# پنهنجي اصلاح جو ضروري آهي؟ (سيپارو:1، سوره بقرة:44)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... ڪاميابي صرف پنهنجي اصلاح سان ملندي آهي
- ... جنّت گهرجي يا دوزخ؟
- ... پنهنجي جائزي جو هڪ بهترين طريقو
- ... پيِر ٻڌائڻ نہ وساريو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِیَّۃ

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم: مَنۡ صَلّٰى عَلَيَّ صَلَاةً وَّاحِدَةً صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ عَشۡرَ صَلَوَاتٍ، وَحُطَّتۡ عَنۡهُ عَشۡرُ خَطِيۡئَاتٍ، وَرُفِعَتۡ لَهٗ عَشۡرُ دَرَجَاتٍ۔

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي 10 رحمتون نازل فرمائيندو آهي، 10 گناهه مٽايا ويندا آهن ۽ 10 درجا بلند ڪيا ويندا آهن.[1]

حکمِ حق ہے پڑھو درود شریف
چھوڑو مت غافلو درود شریف

پڑھ کے ایک بار پاؤ دس رحمتیں
خوب سودا ہے لو درود شریف

جا کے وہاں پیش ہوگا نام بنام
جس قدر جس کا ہو درود شریف(2)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...نسائی، کتاب السہو، باب الفضل فی الصلاۃ علی النبی صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم، صفحہ:222، حدیث:1294۔

[2]... نورِ ایمان، صفحہ:39 ملتقطًا۔

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِى الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ تَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَ اَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۴۴﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 44)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا توهان ماڻهن کي ڀلائي جو حڪم ڏيو ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي وساريو ٿا حالانڪ توهان ڪتاب پڙهو ٿا پوءِ ڇا توهان کي عقل ناهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# آيت ڪريمہ جو شانِ نزول

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 1، سُورة بقرة جي آيت: 44 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيت مقدس جي شانِ نزول بابت هڪ روايت تہ اها آهي جو هڪ ڀيري يهودي عالمن کان انهن جي مسلمان مائٽن پڇيو: ڇا اسلام سچو دين آهي؟ انهن جواب ڏنو: ها! اسلام سچو دين آهي، توهان ان تي قائم رهو. هڪ روايت اها مشهور آهي تہ عرب جا بني اسرائيل سرورِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف ڪٽي اچڻ کان اڳ اهلِ عرب کي سندن اچڻ جون خبرون ڏيندا هئا ۽ انهن کي هدايت ڪندا هئا تہ جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي اچن تہ سندن پيروي ڪئي وڃي. پوءِ جڏهن حضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي آيا تہ پاڻ انهن عالمن ئي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جو انڪار ڪري ڇڏيو.[1]

[1]... تفسيرِ خازن، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:44، جلد:1،صفحہ:41۔

تفسير روحُ البيان ۾ هڪ روايت هن طرح آهي تہ اهي غريب ماڻهو جن مان بني اسرائيل جي عالمن کي ڪا دنياوي لالچ نہ هئي، نہ اهي انهن کي ڪجهہ ڏئي سگهندا هئا، اهي بچڙا ۽ لالچي عالِم انهن غريبن کي ڳُجهي نموني چئي ڇڏيندا هئا تہ اسلام سچو دين آهي، محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) سچا نبي آهن، توهان سندن ڪلمو پڙهي وٺو! پر جيڪي امير ماڻهو هئا، جن مان انهن بُرن عالمن کي نذرانا ملندا هئا، اهي جڏهن انهن کان اسلام بابت پڇندا هئا تہ هي انهن جي سامهون ڪوڙ ڳالهائيندا هئا ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي سچي نبي هئڻ جو انڪار ڪري ڇڏيندا هئا. اهي سمجهندا هئا تہ هي امير ماڻهو جيڪڏهن هٿ مان نڪري ويا تہ اسان جي آمدني بند ٿي ويندي. انهن جي ان رويي بابت هيءَ آيتِ ڪريمہ نازل ٿي،[1] الله پاڪ ارشاد فرمايو:

اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ تَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَ اَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۴۴﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا توهان ماڻهن کي ڀلائي جو حڪم ڏيو ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي وساريو ٿا حالانڪ توهان ڪتاب پڙهو ٿا پوءِ ڇا توهان کي عقل ناهي. (سيپارو: 1، البقرة: 44)

يعني اي بني اسرائيل جا عالِمو...!! توهان توريت پڙهو ٿا، توهان حق ۽ سچ کي ڄاڻو ٿا، توهان جي اندر حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي، توهان ڄاڻو ٿا تہ جيڪو ٻين کي سمجهائي، ٻين کي چڱائي جو حڪم ڏئي پر پاڻ عمل نہ ڪري، روزِ قيامت اهو سخت عذاب جو حقدار هوندو، ان جي باوجود توهان ٻين کي تہ ڀلائي جو حڪم ڏيو ٿا، ٻين کي تہ

[1]... تفسيرِ روح البيان، پاره:1، سورة بقرة، زير آيت:44، جلد:1، صفحه:125۔

اسلام جي سچائي ٻڌايو تا ۽ پاڻ پنهنجي ذات کي وساري ڇڏيو تا...!! ڇا توهان کي عقل ناهي...؟ توهان ايڏي وڏي بيوقوفي ڪيئن ڪري سگهو تا...؟[1]

## آيتِ ڪريمہ مان سکڻ جو سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيت ڪريمہ مان اهو سبق مليو تہ قَول ۽ فِعل جو تَضَاد يعني چوڻ ڪجهہ... ۽ ڪرڻ ڪجهہ ٻيو، ٻين کي تہ سمجهائڻ پر پاڻ عمل نہ ڪرڻ، اها تمام وڏي بي وقوفي آهي، عقلمند کي گهرجي تہ الله پاڪ جيڪو حق ان تي واضح فرمايو آهي، سڀ کان پهريان ان تي پاڻ عمل ڪري ۽ گڏوگڏ ٻين کي بہ ان جي تَرغيب ڏياري.

## بي عملي جو نقصان

حضرت عَدِي بن حاتِم رَضِیَ اللّٰہُ عنہ کان روايت آهي، حُضُورِ اَقْدَس صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قيامت جي ڏينهن ڪجهہ ماڻهن کي جنت جي طرف وٺي وڃڻ جو حڪم ٿيندو، ايستائين جو جڏهن اهي جنت جي ويجهو پهچي ان جي خوشبو سنگهندا، ان جا محل ۽ ان ۾ جنتين جي لاءِ تيار ڪيل نعمتون ڏسي وٺندا، تہ آواز ڏنو ويندو: انهن کي جنت کان موٽائي ڇڏيو ڇو تہ انهن جو جنت ۾ ڪو حصو ناهي. (اهو اعلان ٻڌي) اهي اهڙي حسرت سان موٽندا جو ان جهڙي حسرت سان ان کان پهريان ماڻهو نہ موٽيا هوندا، پوءِ اهي عرض ڪندا: يا ربّ! جيڪڏهن تون پنهنجو ثواب ۽ پنهنجي اولياءَ لاءِ تيار ڪيل نعمتون ڏيکارڻ کان پهريان ئي اسان کي جهنم ۾ داخل ڪري ڇڏين ها تہ

[1]... تفسيرِ نعيمی، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:44، جلد:1، صفحہ:346 خلاصۃً۔

اِهو اسان تي وڏيڪ آسان هجي ها. الله پاڪ ارشاد فرمائيندو: مون ڄاڻي واڻي توهان سان ائين ڪيو آهي (۽ ان جو سبب هي آهي تہ) ◈ جڏهن توهان اڪيلائي ۾ هوندا هئا تہ وڏا وڏا گناهہ ڪري مون سان اعلانِ جنگ ڪندا هئا ۽ جڏهن ماڻهن سان ملندا هئا تہ عاجزي ۽ انڪساري سان ملندا هئا، توهان ماڻهن ڪي پنهنجي اها حالت ڏيکاريندا هئا جيڪا توهان جي دلين ۾ منهنجي لاءِ نہ هوندي هئي ◈ توهان ماڻهن کان ڊڄندا هئا ۽ مون کان نہ ڊڄندا هئا ◈ توهان ماڻهن جي عزت ڪندا هئا ۽ منهنجي عزت نہ ڪندا هئا ◈ توهان ماڻهن جي ڪري برو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا هئا پر منهنجي ڪري برائي نہ ڇڏيندا هئا، **اڄ مان توهان کي پنهنجي ثواب کان محروم ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي عذاب جو مزو بہ چکائيندُس.**[1]

حضرت اِبراهيم تَيمِي رَحمةُاللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: مان موت جي ياد لاءِ ڪثرت سان قبرستان ۾ ايندو ويندو هئس، هڪ رات مان قبرستان ۾ هئس تہ مون تي ننڊ غالب اچي وئي ۽ مان سمهي پيس، تہ مون خواب ۾ هڪ کليل قبر ڏٺي ۽ هڪ چوڻ واري کي اهو چوندي ٻڌم: هي زنجير پڪڙيو ۽ ان جي وات ۾ وجهي ان جي شرمگاهہ مان ڪڍو. تہ اهو مُڙدو چوڻ لڳو: ياربّ ڪريم! ◈ ڇا مون قرآن نہ پڙهيو؟ ◈ ڇا مون تنهنجي حُرمَت واري گهر جو حج نہ ڪيو؟ پوءِ هو اهڙي طرح هڪ کان پوءِ ٻي نيڪي ڳڻائڻ لڳو تہ ان کي چيو ويو: تون ماڻهن جي سامهون اهي اَعمال ڪندو هُئين پر جڏهن تون اڪيلائي ۾ هوندو هئين تہ نافرمانين ذريعي مون سان مقابلو ڪندو هئين ۽ تو منهنجو ڪو خيال نہ ڪيو.[2]

---

[1]...معجم اوسط، من اسمہ محمد، جلد:4، صفحہ:135، حديث:5478۔

[2]...الزواجر عن اقتراف الكبائر، مقدمة المؤلف، جلد:1، صفحہ:30۔

# ڪاميابي صرف پنهنجي اصلاح سان ملندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! ڪاميابي صرف پنهنجي اِصْلاح سان ملندي آهي، هن دنيا ۾ ڪو به ٻين جي ڪلهي تي بيهي بُلند نٿو ٿي سگهي، بلندي صرف پنهنجي پيرن تي بيهي ڪري ئي ملي سگهي ٿي، ڪنهن عقلمند وڏي خوبصورت ڳالهه ڪئي: هن دنيا ۾ صرف هڪ انسان آهي جيڪو توهان کي ڪامياب ڪري سگهي ٿو ۽ اهو هڪ انسان توهان پاڻ آهيو.

سيپاره 30، سُوْرَةُالشَّمْس، آيت: 9 ۽ 10 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۝ وَ قَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ۝

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ جنهن نفس کي پاڪ ڪري ورتو اهو ڪامياب ٿي ويو ۽ بيشڪ جنهن نفس کي گناهه ۾ لڪائي ڇڏيو اهو ناڪام ٿي ويو.
(سيپارو: 30، الشمس: 9_10)

ياد رکو! ◈ چوٽڪاري جو دارومدار شهرت تي ناهي ◈ چوٽڪاري جو دارومدار عزت تي ناهي ◈ چوٽڪاري جو دارومدار مال ودولت، عيش وعشرت تي ناهي ◈ چوٽڪاري جو دارومدار وڏي عُهدي تي ناهي ◈ چوٽڪاري جي لاءِ صرف علم حاصل ڪرڻ ڪافي ناهي. آخرت ۾ چوٽڪاري جي لاءِ پنهنجي اصلاح ڪرڻ به ضروري آهي، جيڪو پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو، اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ جي رحمت ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان جنت جو حقدار ٿيندو پر جيڪو هن دنيا ۾ پاڻ کي راهِ هدايت تي نه آڻي سگهيو، اهو آخرت ۾ به مَحرُوم ۽ نامُراد ئي رهندو، الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَنۡ كَانَ فِيۡ هٰذِهٖۤ اَعۡمٰى فَهُوَ فِى الۡاٰخِرَةِ اَعۡمٰى

ترجمو كنزُ العرفان: ۽ جيكو هن حياتيءَ ۾ انڌو ٿيندو اهو آخرت ۾ به انڌو ٿيندو. (سيپارو: 15، بني اسرائيل: 72)

تفسير نُورُ الْعِرفان ۾ هن آيت جي تحت لكيل آهي: يعني دنيا ۾ جنهن جي دل انڌي رهي، هدايت قبول نہ كئي، اهو آخرت ۾ چوٽكاري ۽ جنت جي راهہ ڏسڻ كان انڌو هوندو.[1]

غور فرمايو! ◈ الله پاك اسان كي نماز پڙهڻ جو حكم ڏنو، جيكو شخص نماز جي تَلقين تہ كري پر پاڻ نماز نہ پڙهي چا ان الله پاك جي حكم تي عمل كيو؟ ◈ الله پاك روزا ركڻ جو حكم ڏنو ◈ الله پاك كوڙ ◈ گلا غيبت ◈ چغلي ◈ حسد ◈ تكبر ◈ بَدگماني ◈ وعده خلافي ◈ الزام لڳائڻ ◈ گار گند كان بچڻ ◈ نگاهون هيٺ ركڻ ◈ والدين جو اَدب كرڻ ◈ پيئرن پائرن جي حقن جو خيال ركڻ ◈ پاڙيسرين سان نيك سُلوك كرڻ ◈ مائٽن سان ڀلائي كرڻ ◈ ظاهِري گُنَاهن كان بچڻ ◈ باطني بيمارين كان چوٽكارو حاصل كرڻ جو حكم ڏنو، جيكڏهن كو انهن سيني كمن جي ٻين كي تلقين تہ كري پر پاڻ انهن تي عمل نہ كري، چا اُن الله پاك جي اَحكامن تي عَمَل كيو؟

كَلَّا لَمَّا يَقۡضِ مَاۤ اَمَرَهٗ ﴿٢٣﴾

[1]...تفسير نورالعرفان،پاره:15، سورة بنى اسرائيل،تحت الآية:72، صفحہ:797خلاصةً۔

ترجمو ڪنزُ العرفان: يقيناً ان اڃان تائين پورو نہ ڪيو جيڪو اللہ ان کي حڪم ڏنو هو. (سيپارو: 30، عبس: 23)

## پنهنجي اصلاح کان غفلت عذاب جي هڪ صورت آهي

اي عاشقانِ رسول! اسان کي هر هر گهڙي پنهنجي اِصْلاح جي ضرورت آهي، ڪو ڊاڪٽر هجي يا انجنيئر، وڪيل هجي يا جج، بادشاهہ هجي يا غلام، امير هجي يا غريب، سيٺ هجي يا مزدور، عالِم هجي يا جاهِل، سائنسدان هجي يا دڪاندار، ڪو ڪنهن بہ مرتبي تي هجي، هر هڪ کي هر وقت پنهنجي اِصلاح ۾ مَصرُوف رهڻ ضروري آهي، پنهنجي اِصلاح کان غافِل ٿي وڃڻ عذابِ اِلٰهي جي هڪ صورت آهي، سيپارو 28، سُوْرَةُ الْحَشْر، آيت: 19 ۾ اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰىهُمْ اَنْفُسَهُمْ ؕ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ۝۱۹

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ ٿيو جن اللہ کي وساري ڇڏيو تہ اللہ انهن کي انهن جون جانيون وسارائي ڇڏيون، اهي ئي نافرمان آهن. (سيپارو: 28، الحشر: 19)

افسوس! اسان پاڻ کان غافل رهي ٻين تي تَنقيد ڪرڻ وارا ٿي ويا آهيون. الائجي ڇو ٻين جا عيب ڳولڻ، ٻين جي گريبان ۾ جهاتيون پائڻ، ٻين جي ڪردار ۾ ڪيڙا ڪڍڻ اسان ڪٿان سکيو آهي، اَلحَمدُ جي اَلِفْ کان وٺي وَالنَّاس جي سِيْن تائين پورو قرآنِ ڪريم پڙهي وٺو، اللہ پاڪ ڪٿي هڪ ڀيرو بہ ٻين جا عيب ڳولڻ جي تَرغيب ناهي ڏني بلڪ ان کان منع ڪيو ويو آهي، اها اِسلام جي خاصيت آهي تہ اِسلام اسان کي ٻين کي نيڪي جي

دعوت ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجي اصلاح جو ذهن ڏئي ٿو، سيپارو 28، سُوْرَةُ الْحَشْر، آيت: 18 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ

ترجمو كنزُ العرفان: ۽ هر جان ڏسي تہ ان سڀاڻي جي لاءِ اڳتي ڇا موڪليو.

(سيپارو: 28، الحشر: 18)

الله اڪبر! هي تمام مشڪل ڪم آهي، پنهنجي اعمالن جو جائزو وٺڻ، پنهنجون غلطيون ڪيڻ تمام مشڪل ڪم آهي. الله پاڪ جي حڪمت آهي تہ الله پاڪ اکيون چهري تي لڳايون آهن ۽ اهي صرف سامهون ڏسن ٿيون، پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائڻ لاءِ ڪنڌ جهڪائڻو پوي ٿو، اهو ڪنڌ جهڪائڻ ئي دنيا جو مشڪل ترين ڪم آهي پر جيڪو ڪنڌ جهڪائي ونندو آهي، پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائي ونندو آهي (يعني پنهنجو جائزو پاڻ ونندو آهي)، اهو هميشہ ڪامياب رهندو آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ جنهن سان ڀلائي جو ارادو فرمائي ونندو آهي، ان کي ان جا پنهنجا عيب ڏيکاري ڇڏيندو آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! هن دنيا ۾ هر هڪ اڪيلو آيو آهي ۽ سڀني کي پنهنجي پنهنجي قبر ۾ لهڻو آهي، هاءِ! اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي، جڏهن آسمان ويڙهيو ويندو، هن زمين کي ٻي زمين سان بدلايو ويندو، جبل ذرو ذرو ٿي ڪپهہ جي ڌزيءَ وانگر هوا ۾ اڏامڻ لڳندا، هاءِ! هي فاني دنيا پنهنجي عبرتناڪ انجام تي پهچي ويندي. تمام انسانن کي ٻيهر زنده ڪيو ويندو.

[1]... شُعَبُ الْاِيْمَان، الباب الحادى والسبعون فى الزہد وقصر الامل، جلد:7، صفحہ:347، حديث:10535 ـ

الله! الله! هي حساب جو ڏينهن آهي ◈ ڪو پيادل ◈ ڪو سوار ۽ ◈ ڪو منهن ڀر گهلبو ميدانِ محشر طرف وڌي رهيو هوندو ◈ ٽامي جي تپندڙ زمين ◈ باهه وسائيندڙ سج ◈ گرمي سبب دماغ رجهندا هوندا ◈ ڪو پنهنجي ئي پگهر ۾ ٽٻيون کائي رهيو هوندو ◈ زبانون اڃ سبب سڪي ڪنڊو ٿي وينديون ◈ دليون اُبري ڪري نڙيءَ تائين اينديون، هر هڪ پنهنجي پنهنجي تڪليف ۾ ورتل هوندو. هاءِ! افسوس! ان ڏينهن جون هولناڪيون... اَلْاَمَانُ وَالْحَفِيْظُ! ڪو ڪنهن جو حال پڇڻ وارو نه هوندو ◈ پٽ پيءُ کان ◈ پيءُ پٽ کان جان ڇڏائي رهيو هوندو ◈ ماءُ اڪيلي پٽ کي ڇڏيندي ◈ ياءُ ياءُ کان پري ٿي ويندو، مجرم ان ڏينهن خواهش ڪندا ته ڪاش! اڃ عذاب کان بچڻ جي بدلي پنهنجي پٽ، پنهنجي زال، پنهنجي ياءُ، پنهنجي قبيلي ايتري تائين جو زمين ۾ جيڪو ڪجهه آهي سڀ ڏئي ڇوٽڪارو حاصِل ڪري وٺن پر پڪار ٿيندي: ڪَلَّا هرگز نه، اڄ عدل جو ڏينهن آهي.

اَللّٰهُ اڪبر! ان ڏينهن پڇڻ جي ڪا جاءِ نه هوندي، ڪو به الله پاڪ کان لڪي نه سگهندو ◈ اسان جا هٿ ◈ ڪن ◈ زبان ◈ پير ◈ اسان جي ڳل اسان جي خلاف شاهدي ڏيندي، هاءِ! اسان جو اعمالنامو اسان جي هٿ ۾ پڪڙايو ويندو، اسان جو ننڍي کان ننڍو عمل ان ۾ لِکيل هوندو، مجرم پنهنجي اَعْمَالن جي فهرست ڏسي ڏڪي ويندا، حواس باخته (وائڙا) ٿي پڪاريندا:

يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّآ اَحْصٰهَا ۚ

ترجمو ڪنزُ العرفان: هاءِ اسان جي بربادي! هن اعمالنامي کي ڇا ٿيو آهي جو

ان هر ننڍي ۽ وڏي گناهه کي شمار ڪري ورتو آهي. (سيپارو: 15، الڪهف: 49)

اي عاشقانِ رسول! ڏڪي وڃو! خوف کان ڪنبڻ لڳو...!! هاءِ! ان نَفْسَا نَفْسِي جي عالَم ۾ الله نہ ڪري جيڪڏهن پڪار پئجي وئي: ◈ اي فلاڻا! ڏس! هي اهو آهي جيڪو تنهنجي تَرغيب تي نمازي بڻيو هو، هن نمازون پڙهيون، اڄ هي جنتي آهي ◈ اي فلاڻا! ڏس! هي اهو آهي جنهن تنهنجو دَرس ٻڌي پنهنجي اِصلاح ڪئي، اڄ هي جنتي آهي؟ ◈ اي فلاڻا! ڏس! هي اهو آهي جنهن جي ڪردار تي تون آڱريون کڻندو هئين ◈ اي فلاڻا! ڏس! هي اهو آهي جنهن کي تون تنقيد جو نشانو بڻائيندو هئين ◈ اي فلاڻا! ڏس! هي اهو آهي جنهن سان تون حسد ڪندو هئين ◈ اي فلاڻا! هي اهو آهي جنهن جي تون گلا غيبت ڪندو هئين ◈ اي فلاڻا! هي اهو آهي جنهن جو تون مذاق اڏائيندو هئين، ڏس! انهن سيني پنهنجي اِصلاح ڪئي، اڄ اهي جنتي ٿيا، هاڻي تون ٻڌاءِ تنهنجو عمل ڇا آهي؟ تو پنهنجي ڪيتري اِصلاح ڪئي؟

یہ گھڑی محشر کی ہے، تُو عرصۂ محشر میں ہے
پیش کر غافِل عمل کوئی اگر دَفتر میں ہے

نقصان! نقصان! ۽ سخت نقصان! افسوس! افسوس! صَد افسوس! جيڪڏهن اسان پنهنجي اِصلاح نہ ڪئي هوندي ◈ الله نہ ڪري نمازون پوريون نہ ٿيون ◈ روزا پورا نہ ٿيا ◈ جيڪڏهن والدين جو ادب ڪري جنت جا حقدار نہ بڻيا هونداسين ◈ پاڙيسرين کي تڪليف پهچائي ◈ ماڻهن کي گاريون ڏئي ◈ غيبتون ڪري ◈ چغليون هڻي ◈ بَدگمانيون

ڪري ◈ ڪوڙا الزام لڳائي ٻين جون عزتون پائمال ڪيون هونديون ◈ ظاهر ۾ سنا ٻڻجي نيڪ سڏرائيندا پر اڪيلائي ۾ گناهن جي بازار گرم ڪندا رهيا هونداسين ته ان وقت اسان جو ڇا ٿيندو، هاءِ! جيڪڏهن روزِ قيامت پڪڙ ٿي وئي ته اسان ڪمزور ڪيڏانهن ويندا سين؟ هاءِ! ڪيتري شَرمساري ٿيندي. هاءِ! جهنم جو هولناڪ عَذاب اسان ڪيئن برداشت ڪري سگهنداسين؟

اي جنت جا طلبگارو! اچا اسان وٽ وقت آهي، اچو! اسان سڌرڻ جي ڪوشش ڪريون، اچو! اسان پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ڪريون. اچو! ملي ڪري بارگاهه الاهي ۾ دعا گهرون ٿا:

ہر گُنہ سے بچا مجھ کو مولیٰ
تجھ کو رمضان کا واسطہ ہے
نیک خصلت بنا مجھ کو مولیٰ
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے

ہُوں بَظاہِر بڑا نیک صُورت
ظاہِر اچھا ہے باطِن بُرا ہے
کر بھی دے مجھ کو اَب نیک سیرت
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے

عَیب دُنیا میں تُو نے چُھپائے
آہ! نامہ مِرا کُھل رہا ہے
حَشر میں بھی نہ اب آنچ آئے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے(1)

[1]…وسائلِ بخشش، صفحہ:135-137 ملتقطًا۔

# جنت گھرجي يا دوزخ؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هي اڄ جي دور جو وڏو مسئلو آهي تہ اڄ اسان ڪي ٻين تي تنقيد ڪرڻ کان فرصت نٿي ملي پر اسان جا بزرگانِ دين، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ٻين تي تنقيد گهٽ ۽ پنهنجي اِصلاح تي وڌيڪ تَوجهہ ڏيندا هئا. حضرت اِبراهيم تَيمِي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها هئا، هڪ ڏينهن پاڻ اهو خيال ڪيائون تہ ڄڻ پاڻ جهنم ۾ آهن، باهہ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن، ٿوهر (يعني زهريلو ڪنڊن وارو وڻ) کائي رهيا آهن، دوزخين جي پونءِ پي رهيا آهن، انهن خيالن کان پوءِ خود پنهنجو پاڻ کان پڇيائون: ٻڌاءِ! توکي ڇا گهرجي (جهنم جو اهڙو هولناڪ عذاب يا ان کان ڇوٽڪارو؟) اندران آواز آيو: ڇوٽڪارو گهرجي. ان کان پوءِ پاڻ اهو خيال ڪيائون تہ ڄڻ پاڻ جنت ۾ آهن، اتان جا ميوا کائي رهيا آهن، جنتي واهن مان شربت پي رهيا آهن. انهن خيالن کان پوءِ خود پاڻ کان پڇيائون: اي نفس! توکي ڪهڙي شيءِ جي خواهش آهي؟ (جنت جي يا دوزخ جي؟) نفس چيو: مون کي جنت جي خواهش آهي. هاڻي خود پنهنجو پاڻ کي سمجهائيندي فرمايائون: اي نفس! في الحال توکي مهلت مليل آهي، (تون اڃان زنده آهين، هاڻي توکي پاڻ ئي رستو اختيار ڪرڻو آهي، توکي اهو اڄ ئي فيصلو ڪرڻو پوندو تہ توکي سڌري ڪري جنت ۾ وڃڻو آهي يا بگڙجي دوزخ ۾ ڪِرڻو آهي. تنهنڪري ان حساب سان عَمَل ڪر)[1]

[1]...حلية الاولياء، يزيد بن شريک التيمی، جلد:4، صفحہ:235، رقم:5361 خلاصۃً۔

ڪچھ نیکیاں کما لے جلد آخِرت بنا لے

کوئی نہیں بھروسہ اے بھائی! زندگی کا

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ڪھڙو پيارو انداز آھي...!! حضرت ابراھيم تَيمي رَحمۃُاللهِ عَلَيه اڪيلائي ۾ ويھي پنھنجو پاڻ کي نيڪي جي دعوت ڏئي رھيا آھن، غور فرمايو! ڇا اسان جي زندگي ۾ به ڪڏھن اھڙي گھڙي آئي آھي...؟ ھونئن اسان عقلمند ته ڪافي آھيون، ٻين کي تمام گھڻي نيڪي جي دعوت ڏيندا آھيون ◈ پٽ غلطي ڪري ويھي ته تمام سٺي نموني سمجھائي وٺندا آھيون ◈ ڪنھن دوست کان ڪجھ خطا ٿي وڃي ته ڪيترن ئي ڪلاڪن جي ويھڪ ان کي سمجھائڻ جي ٿي ويندي آھي ◈ ملازم غلطي ڪري ويھي تڏھن ته ان جي شامت ئي اچي ويندي آھي ◈ اسان پوري دنيا جي مسئلن تي به تبصرا ڪري وٺندا آھيون ◈ فلاڻي ملڪ ۾ ھي ٿي ويو، فلاڻي حڪمران کي ائين نه، ھيئن ڪرڻ گھرجي ھا ◈ اڄ مسلمان ترقي ان ڪري نٿا ڪري سگھن، اڄ معاشري ۾ فلاڻا فلاڻا عيب پايا ويندا آھن، ائين تبصرا ڪرڻا ھجن، تجزيا ڪرڻا ھجن، اسان ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ڪري وٺندا آھيون پر سوچڻ جي ڳالھ آھي: ڇا ڪڏھن زندگي ۾ اھڙي گھڙي آئي جو اسان اڪيلائي ۾ ويٺا ھجون، اسان پاڻ پنھنجو ئي گريبان پڪڙيو ھجي ۽ پاڻ کان پڇي رھيا ھجون: اي عقلمند بڻجڻ وارا! ٻڌاءِ تو ڪھڙا ڪھڙا اعمال ڪيا آھن؟ ٻڌاءِ تنھنجي اندر ڪھڙيون ڪھڙيون چڱايون لڏيون وڃن ٿيون؟ ڪھڙين ڪھڙين برائين ۾ تون ملوث آھين؟ حضرت بابا بلي شاھ رَحمۃُاللهِ عَلَيه جو خوبصورت ڪلام آھي، لکن ٿا:

پَڑھ پَڑھ عَالِمُ فَاضِلُ ھَوْیَا | کَدِی اَپْنے آپ نُوں پَڑھیا ھی نَئیں
بُلھے شاہ! اَسْمَانِی اُڈْدِیاں پھَڑ دَااَیں | جِہڑا گھر بَیْٹھا، اَوْنُوں پھَڑیا ھی نَئیں

مفهوم: يعني تمام گهڻا ڪتابَ پڙهيا، پڙهي پڙهي عالِم ٿي ويا، پر ڪڏهن پنهنجي اندر جي حالتن کي ڏٺو، پرکيو ئي نه، آسمان ۾ اُڏامندڙ پکي ته پڪڙيو ٿا، مثال طور پوري جهان تي تبصرا ته ڪريو ٿا پر جيڪو گهر ويٺل چور آهي يعني نفسِ اَمّاره، ڪڏهن ان کي پڪڙي ان جو حساب ورتو ئي ناهي.

## انوکو حساب

حضرتِ اِبْنِ صِمَّه رَحْمَةُاللهِعَلَيْه الله پاڪ جا نيڪ ٻانها آهن، پاڻ هڪ ڀيري پنهنجو محاسبو ڪندي (يعني پنهنجي اعمالن جو جائزو وٺندي) پنهنجي عمر ڳڻي ته اها (تقريباً) 60 سال بڻي. انهن 60 سالن کي 12 سان ضرب ڏيڻ تي 7 سئو 20 مهينا ٿيا. 7 سئو 20 کي وڌيڪ 30 سان ضرب ڏنائون (يعني ضرب ڪيائون) ته حاصِلِ ضَرب 21 هزار 600 آيو. جيڪي پاڻ رَحمةُاللهِعَلَيه جي مبارڪ عمر جا ڏينهن هئا. پوءِ پنهنجو پاڻ سان مخاطب ٿي فرمائڻ لڳا: جيڪڏهن مون کان روزانو هڪ گناهه به ٿيو هجي ته هينئر تائين 21 هزار 600 گناهه ٿي چڪا! جڏهن ته هن عرصي ۾ اهڙا ڏينهن به شامل هوندا جن ۾ روزانو هڪ هزار تائين به گناهه ٿيا هوندا. اهو چوڻ هو ته خوفِ خدا کان ڏڪڻ لڳا! پوءِ اوچتو هڪ رڙ سندن وات مان نڪري فضا ۾ گم ٿي وئي ۽ پاڻ زمين تي تشريف کڻي آيا. ڏٺو ويو ته روح پرواز ڪري چڪو هو.[1]

[1]… ڪيميائے سعادت،اصل ششم در محاسبہ، مقامِ سوم محاسبت است پس از عمل، صفحہ:367۔

## احساسِ ندامت آهي نہ آخرت جو خوف

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو تہ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو انداز ڪيترو اعليٰ هوءِ اهي ڪيئن پنهنجو جائزو وٺندا هئا. هر دم نيڪين ۾ مصروف رهڻ جي باوجود پنهنجو پاڻ کي گناهہ گار تصور ڪندا ۽ هميشہ الله پاڪ کان ڊڄندا رهندا هئا ايستائين جو خوفِ خدا جي غلبي سبب ڪن جا روحَ پرواز ڪري ويندا هئا. پر افسوس! اسان جي حالت اها آهي جو ڏينهن رات گناهن جي سمنڊ ۾ ٻڏل رهڻ جي باوجود نہ اِحساسِ ندامت آهي نہ خوفِ آخرت...!! نيڪ ٻانها شب بيداريون ڪندا، ڪثرت سان روزا رکندا، ڪيترائي ڀلائي وارا ڪم سر انجام ڏيندا پر پوءِ بہ پاڻ کي گهٽ ترين خيال ڪندي خوفِ خدا کان روئندا رهندا هئا.

## ننڍپڻ جي خطا ياد اچي وئي!

هڪ ڀيري حضرتِ عُتْبَہ غُلام رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ هڪ گهر وٽان گذريا تہ ڪنبڻ لڳا ۽ پگهر اچي ويو! ماڻهن جي پڇڻ تي فرمايائون: هيءَ اها جاءِ آهي جتي مون ننڍي ڄمار ۾ گناهہ ڪيو هو.[1]

## ننڍپڻ جي گناهہ کي ياد رکڻ جو نرالو انداز

منقول آهي تہ حضرت حسن بصري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ کان ننڍپڻ ۾ هڪ گناهہ ٿي ويو هو. پاڻ رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَيہ جڏهن بہ ڪو نئون لباس سبرائيندا هئا تہ ان جي

[1]...تنبيہ المغترين، ومن اخلاقہم رَحمۃُ اللہِ عَلَيْہ ، کثرۃ خوفہم من اللہ تعالٰی فی حال...الخ، صفحہ:46۔

گريبان تي اهو گناهہ لکي ڇڏيندا هئا ۽ اڪثر ان کي ڏسي ايتري قدر روئندا هئا جو پاڻ رَحمةُاللهِعَلَيه بيهوش ٿي ويندا هئا.[1]

## پنهنجي جائزي جو هڪ بهترين طريقو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ڪهڙي ڪهڙي انداز سان پنهنجو جائزو وٺندا ۽ هر دم پاڻ کي سنوارڻ، پاڻ کي سڌارڻ ۽ پنهنجي اِصْلاح ڪرڻ ۾ مصروف رهندا هئا. الله پاڪ اسان کي بہ توفيق بخشي، اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي اِصلاح تي ڀرپور توجهہ ڏيون. الحمدلله! اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه پنهنجي مريدن، طالبن ۽ محبت ڪرڻ وارن بلڪ پوري دنيا جي عاشقانِ رسول کي پنهنجي اِصلاح لاءِ بهترين نسخو ڏنو آهي ۽ اهو آهي: نيڪ اعمال جو رسالو. هي مختصر رسالو مڪتبة المدينہ کان طلب ڪيو، چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري وٺو بلڪ وڌيڪ آساني گهرجي تہ پنهنجي موبائل ۾ Naik Amaalنامي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪري وٺو، ان کي پڙهو، ان مطابق زندگي گذاريو ۽ روزانو پنهنجي اعمالن جو جائزو وٺو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار اُجرو اجرو، نکريل نکريل، خوبصورت ٿي ويندو.

[1]...تذكرة الاولياء، ذكر حسن البصرى رَحمةُ اللهِ عَلَيْه، جز:1، صفحہ:29۔

# پورو گهراڻو سڌري ويو

ضلعي اٽڪ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان گناهن سان ڀرپور زندگي گذاري رهيو هئس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، اسلامي ڀائر بعدِ عصر علائقائي دوري لاءِ نڪتا، هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي بہ مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد ۾ هليو ويس، بعدِ مغرب بيان ٻڌي وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ بيان ڪرڻ واري اسلامي ڀاءُ نيڪ اَعمَال نامي رسالي جو تعارف ڪرايو، رسالي نيڪ اَعْمَال ۾ درج نيڪين سان ڀريل زندگي گذارڻ جا مدني گل ڏسي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي، هن رسالي جي صورت ۾ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكاتُهمُ العالِيَه جي اِصلاحِ اُمَّت لاءِ تڙپ ڏسي مون هٿو هٿ بيعت لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري رنگ ۾ رنگجي ويس، وقت جي وليءِ ڪامِل سان نسبت جا ٿي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان پنهنجو ڪري ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنورجڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي بہ سٺو اثر ٿيو، اَلحَمْدُلِله! آهستي آهستي پورو گهراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري رنگ ۾ رنگجي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گهر ۾ گناهن ڀرئي چينلز جي جاءِ تي مدني چينل هلڻ لڳو.

نیک اعمال کی بھی مرحبا کیا بات ہے
قُربِ حق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

## پير بڻائڻ نه وساريو

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان پنهنجي اِصلاح چاهيون ٿا ته ڪنهن پيرِ ڪامِل جو مريد ٿيڻ هرگز نه وساريو! پيرَ ڪانسواءِ شيطان ۽ نَفسِ اَمَّاره جي مڪارين کان بچڻ تقريباً ناممڪن آهي. سُلْطَانُ الْعَارِفِين، شيخ سُلْطَان بَاهُو رَحمةُاللهِعَلَيه فرمائن ٿا:

جاگ بِنَا دُدھ جَمْدے نَاہیں بَاھُو | بھانویں لال ھُوون کَڑھ کَڑھ کے ھُو (1)

**وضاحت:** جاڳ: يعني ڏهي ڄمائڻ لاءِ کير ۾ لسي يا ڏهي وجهڻ، مطلب هي آهي ته کير کي پچائيندا رهو، پچائيندا رهو، پچي پچي ڳاڙهو ٿي وڃي پوءِ به ان کير جي ڏهي نٿي نهي سگهي، ڏهي ٺاهڻ لاءِ لسي لڳائڻي ئي پوندي، اهڙي طرح ٻانهو ڪوشش ڪندو رهي، ڪندو رهي، پوءِ به نفس ۽ شيطان جي مڪارين کان بچي پنهنجي اصلاح ۾ ڪامياب ٿيڻ مشڪل آهي، جيستائين پنهنجو هٿ ڪنهن ڪامِل جي هٿ ۾ نه ڏئي ڇڏي.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلرَّفِيْقُ قَبْلَ الطَّرِيْق يعني پهريان هم سفر ڳولهيو پوءِ سفر ڪريو![2] شيخ سلطان باهو رَحمةُاللهِعَلَيه پير جي ضرورت ۽ ان جا اوصاف بيان

---

[1]... کلامِ حضرت باہو، صفحہ:27۔

[2]...معجم کبیر، سعید بن ابی رافع، جلد:3صفحہ:143، حدیث:4257۔

ڪندي فرمائن ٿا: ◈ مرشد پارس پٿر جيان آهي (پارس پٿر هڪ خاص پٿر آهي، چيو ويندو آهي: جيڪا شيءِ ان پٿر سان ڇهي وڃي اها سون بڻجي ويندي آهي، پير به ان پٿر وانگر هوندو آهي جو گهٽ حيثيت رکندڙ انسان کي پنهنجي نگاهه سان بلند رتبو ڏئي ڇڏيندو آهي ۽ انمول بڻائي ڇڏيندو آهي)، سلطان باهو رَحمةُاللهِعَلَيه وڌيڪ فرمائن ٿا: ◈ پير جي نظر سج جيان هوندي آهي جيڪا برين عادتن کي سٺين عادتن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي ◈ مرشد اخلاقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان متصف هوندو آهي ◈ ماءُ پيءُ کان وڌيڪ مهربان هوندو آهي ◈ الله پاڪ جي راهه ڏيکارڻ وارو ◈ بهترين رهنماءِ ◈ منزل تائين پهچائڻ وارو ◈ بند رستا کولڻ وارو ◈ دنيا ۽ مال ودولت کان بي نياز ◈ لالچ کان پاڪ ۽ ◈ طالبِ حق کي دل ۽ جان کان عزيز رکڻ وارو هوندو آهي. سو مرشد اهو آهي جو يُحۡيِ الۡقَلۡبَ وَيُمِيۡتُ النَّفۡسَ جيڪو نفسِ اماره کي ماري دل کي زنده ڪري ڇڏيندو آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ العاليه هن دور جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت آهن، الحمدلله! اميرِ اهلسنت ڪامِل پير آهن، الحمدلله! سندن دامنِ ڪرم سان وابسته ٿي لکين ماڻهن جي زندگي ۾ انقلاب اچي چڪو آهي، ڪروڙين دلين جي اِصلاح ٿي چڪي آهي، گناهن جي ڍبڻ ۾ ڦاٿل لکين ماڻهو اڄ الحمدلله! نيڪين ڀري زندگي گذارڻ ۾ ڪامياب آهن، مشورو آهي ته توهان به وليءِ ڪامِل، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ العاليه جا مريد ٿي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اِصْلاح جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي وڃو،

[1] ...عين الفقر، صفحه:79-80-93 خلاصتً.

جيڪڏهن توهان اڃ ۾ ئي ڪنهن پير صاحب جا مريد آهيو تہ بيعتِ برڪت حاصِل ڪري وٺو. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ العاليه سان بيعت ٿيڻ چاهيو تہ وڏو آسان طريقو آهي، هر هفتي بعدِ عشاءَ مدني چينل تي براهِ راست (Live) مدني مذاڪري جو سلسلو ٿيندو آهي، تقريباً هر مدني مذاڪري ۾ ئي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ العاليه بيعت بہ ڪرائيندا آهن، توهان مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪريو ۽ جڏهن بيعت ڪرائي وڃي تہ بيعت ڪري وٺو، ان کان علاوه شعبہ روحاني علاج جي ذميداران کي يا روحاني علاج جي بستن تي پنهنجو نالو، رابطو نمبر ۽ گهر جو مڪمل پتو لکرائي ڇڏيو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪجھ ڏينهن ۾ توهان کي بيعت نامو ملي ويندو.

## هڪ اهم وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! خلاصہءِ ڪلام هي آهي تہ پاڻ کي وساري ٻين جي اِصلاح ۾ مصروف رهڻ، ٻين کي سمجهائڻ پر پنهنجي ذات جو فڪر ئي نہ ڪرڻ نهايت ئي بي وقوفي ۽ بي عقلي آهي. اسان کي گهرجي تہ پنهنجي اِصْلاح جو بہ ضرور فڪر ڪيون.

هتي هڪ اهم وضاحت بہ ڪري ڇڏيان: ڪجھ ماڻهن جو خيال هوندو آهي تہ اسان پهريان پنهنجي مڪمل طور تي اِصلاح ڪري وٺون، پوءِ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏينداسين، اها بہ غلط سوچ آهي، اسان کي پنهنجي بہ اِصلاح ڪرڻي آهي ۽ ٻين کي نيڪي جي دعوت بہ ڏيندي رهڻي آهي. الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ چوٽڪاري جي لاءِ انهن ٻنهي شين کي لازم قرار ڏنو

آهي، سيپاره 30، سُوْرَةُ الْعَصْر ۾ ارشاد ٿيو ته سمورا انسان نقصان ۾ آهن، ها! جنهن ۾ 2 وصفَ هجن، اهو نقصان ۾ ناهي، پهريون وصف:

اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

ترجمو ڪنزُ العرفان: پر جن ايمان آندو ۽ انهن چڱا ڪم ڪيا. (سيپارو: 30، العصر: 3)

۽ ٻيو: وصف:

وَ تَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ۬ وَ تَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ۝۳

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ هڪ ٻئي کي حق جي تاڪيد ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪئي. (سيپارو: 30 العصر: 3)

امام حَسَن بصري رَحمةُاللهِعَلَيه جي خدمت ۾ سوال ٿيو: ڇا روحاني طبيب ٻين جو علاج ڪري سگهي ٿو؟ فرمايائون: ها! ڪري سگهي ٿو، پر پهريان پنهنجو علاج ڪري، پوءِ ٻين جو ڪري جو جيڪو خود رستي کان ڀٽڪيل هجي، ٻين جي رهنمائي ڪيئن ڪندو.[1] ڪين ٻيو سوال ٿيو: ماڻهو چون ٿا: ٻين کي نصيحت ان وقت ڪرڻ گهرجي جڏهن پاڻهو پاڻ تمام برائين کان پاڪ ٿي وڃي؟ فرمايائون: شيطان ته اهو ئي چاهي ٿو ته نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ جو دروازو بند ٿي وڃي.[2] يعني هر شخص جيڪڏهن صرف پنهنجي اِصلاح ۾ لڳي وڃي ۽ پاڻ کي مڪمل سڌارڻ کان پهرين نيڪي جي دعوت بلڪل نه ڏي ته ان صورت ۾ نيڪي جي دعوت جو ڪم بند ٿي ويندو ۽ اها ئي شيطان جي خواهش آهي.

[1]...تذکرۃالاولیاء، ذکر حسن البصری رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ، جز:1، صفحہ:18۔
[2]... تذکرۃالاولیاء، ذکر حسن البصری رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ، جز:1، صفحہ:18۔

مجھے دے خود کو بھی اور ساری دنیا والوں کو

سُدھارنے کی تڑپ اور حوصلہ یاربّ!(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:**

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پاتي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو** : ملي ويهي ڪري سيني جو بلند آواز سان تلاوت ڪرڻ جائز ناهي، گناهه آهي.

**وضاحت** : عام طور اسان وٽ ائين ٿيندو آهي جو گهرن ۽ دڪانن وغيره تي برڪت لاءِ قرآن خواني ڪرائي ويندي آهي، اها تمام سني ڳالھ آهي، قرآن خواني ضرور ڪرائڻ گهرجي، جيڪي نتا ڪرائين، انهن کي بہ ذهن بڻائڻ گهرجي، البت! عام طور تي ان قرآن خواني جو انداز اهو هوندو آهي تہ سڀ هڪ ئي جڳهہ ويجهو ويجهو ويهي وڏي آواز سان پڙهي رهيا هوندا آهن، ائين سيني جو آواز گڏ اچي رهيو هوندو آهي، انهن ۾ ٻڌڻ وارو ڪو بہ ناهي هوندو. ان طرح ملي ويهي وڏي آواز سان قرآن خواني ڪرڻ جائز ناهي، گناهہ آهي. ان جو درست انداز اهو آهي تہ سڀ آهستي يعني ايتري آواز ۾ پڙهن جو پنهنجا ڪن ٻڌي سگهن. يا هي ٿئي تہ سڀ ايترو پري پري ويهن جو هڪ

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ: 76۔

جي آواز سان ٻئي جو ڌيان نہ هٽي يا وري ائين ڪيو وڃي جو هڪ وڏي آواز سان پڙهي، باقي سڀ ٻڌندا وڃن.[1]

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي اَحڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَسْمَاءُ الحُسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا عَفُوُّ

جنهن جا گناهه گهڻا هجن اهو يَاعَفُوُّ جي ڪثرت ڪري الله پاڪ پنهنجي فضل سان ان جا تمام گناهه بخشي ڇڏيندو.[2] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... فتاویٰ اہلسنت، غیر مطبوعہ، ریفرینس نمبر:Lar:6160۔

[2]...مدنی پنج سورہ، صفحہ:257۔